اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: امير اهلسنت کان پارن بابت سوال

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1443ھ سيپٽمبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مكتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مكتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ء دعوت اسلامي، حضرت علام

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# اميراهلسنت کان پارن بابت سوالَ

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

اميراهلسنت ڪان ٻارن بابت سُوال ........ 1
دعاءِعطار : ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
سالگره ڪهڙي انداز سان ملهائڻ گهرجي ........ 1
ٻارن تي بزرگانِ دين جي نگاه وجهرائڻ جا فائدا ........ 2
ديني ماحول ۾ سالگره ملهائڻ جو انداز ........ 3
هر روز عمر ۾ اضافو ٿيندو آهي يا ڪمي؟ ........ 4
سالگره جي موقعي تي ڦوڪٽا ڦاڙڻ ۽ ڪيڪ ڪٽڻ ڪيئن؟ ........ 5
علماء و صلحاء جي بارگاه ۾ ٻارن کي وٺي وڃڻ فائديمند هوندو آهي ........ 6
زبان جي هٻڪ دور ڪرڻ جو وظيفو ........ 8
اِغوا کان حفاظت جون احتياطي تدبيرون ۽ وظيفا ........ 9
ٻارن کي اڪيلو نہ ڇڏيو وڃي ........ 10
ٻارن جي حفاظت جو وظيفو ........ 11
وڏن جي حفاظت جو وظيفو ........ 11
هٿ ڌوئڻ جي جاءِ تي وضو ڪندي وقت ”يَا قَادِرُ“ پڙهڻ ڪيئن؟ ........ 12
W.C ۽ هٿ ڌوئڻ جي جاءِ الڳ الڳ ڪيو ........ 13
ڪارٽون واري چپل پائڻ ڪيئن؟ ........ 15
ٻارن سان نرمي ڪيو ........ 16
ٻار ضد ڇو ڪندا آهن؟ ........ 17

ٻارن جي ضد دور ڪرڻ جو روحاني علاج ........................................ 19
هَٺو ۽ ٻَٽُو ڪير آهن ........................................................... 19
بنا اجازت پيءُ جي موٽرسائيڪل هلائڻ ڪيئن؟ ........................................ 20
ٻارن کي ڀيڻ ڀين کي سلام ڪرڻ گهرجي ........................................ 21

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اميراهلسنت کان پارن بابت سُوال

## دعاءِ عطار:

ياالله پاڪ جيڪو مڪمل رسالو ”اميراهلسنت کان پارن بابت سوال“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي دين ۽ دنيا جي برڪتن کان مالامال فرمائي ديني مسئلن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مون تي درود شريف پڙهو الله پاڪ توهان تي رحمت موڪليندو. (الكامل لابن عدى، 5/ 505)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سالگره کھڙي انداز سان ملهائڻ گھرجي

سوال: اوهان جي رضاعي پوٽي حسن رضا عطاري بن علي رضا ماشاءالله 13 جمادي الاوليٰ 1440 سن هجري تي ٽن سالن جا ٿيا. هن موقعي تي هڪ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ نہ ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ نہ ئي ڪو اهڙو بيو معاملو ڪيو ويو بلڪ نعت خواني ۽ نياز جو اهتمام ڪيو ويو. هيءُ ارشاد فرمايو: ڇا اسان اهڙي موقعي کي بہ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪري سگھون ٿا؟ پڻ ٻارن جي سالگره کھڙي انداز ۾ ملهائڻ گھرجي؟

جواب: سبحان الله! جهڙي نموني حسن رضا جي سالگره يعني Birth Day ملهائي وئي اها نهايت ئي برڪت جو سبب هئي ڇوتہ جنهن گھر

۾ اهو پروگرام ٿيو اُن گهر ۾ ذڪرِ خدا ۽ ذڪر مصطفيٰ تي رهيو هو ۽ دعائون گهريون پئي ويون ۽ اهڙي موقعي تي رحمت جو نزول ٿيندو آهي. جيئن ته حضرت سفيان بن عيينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نيڪوڪارن جي ذڪر جي وقت رحمت جو نزول ٿيندو آهي. (حلية الاولياء، 7 / 335، رقم : 10750) ته جڏهن نيڪن جي سردار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪرِ خير ٿيندو ۽ ان جي نعت پڙهي ويندي ڇا اُن وقت رحمت نازل نہ ٿيندي؟ پوءِ جڏهن رحمت جو نزول ٿيندو ته جيڪي ماڻهو اُتي موجود هوندا ڇا انهن تي رحمت نازل نہ ٿيندي ۽ جڏهن انهن سڀني تي رحمت نازل ٿيندي ته جنهن جي سالگره ملهائي پئي وڃي اهو مدني گل بہ اُتي موجود هوندو ته ڇا رحمت جا ڇنڊا اُن گل تي نہ پوندا؟ ۽ جنهن تي رحمت نازل ٿيندي ڇا ان کي برڪت نہ ملندي؟ بيشڪ اُن محفل ڪرڻ سان دعائون بہ ملنديون ۽ برڪتون بہ حاصل ٿينديون. سالگره وغيره جي موقعي تي هن انداز سان تقريبون ۽ محفلون منعقد ڪيون وڃن. البتہ جڏهن بہ محفلِ نعت جو اهتمام ڪيو ته هڪ مبلغ کي ضرور گهرايو جيڪو سنتنڀريو بيان ڪري، مدني گل ڏيئي ۽ اصلاح جي ڪا ڳالهه ٻڌائي الحمدللّٰه اسان وٽ دعائن جو رواج آهي ته جيئن ٻارن کي دعائون ۽ ان جو ثمر بہ ملي ۽ آخرت ۾ بہ ان جو حصو هجي.

## ٻارن تي بزرگانِ دين جي نگاه وجهرائڻ جا فائدا

قرآنِ پاڪ ۾ دعا جي قبوليت جي بشارت موجود آهي. (اُدْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ) (پ24، المؤمن : 60) ترجمو ڪنزالايمان: ”مون کان دعا ڪيو مان توهان جي دعا قبول ڪندس“ جيڪي ٻار نيڪ ٿجندا، علم جي زيور سان

آراسته ٿيندا ۽ دينِ متين جي خدمت ڪندا آهن، ڪهڙي خبر (ننڍپڻ ۾) انهن کي دعائون ملنديون هجن ۽ اُنهن دعائن جي اثرن جي ڪري اهي ايترو وڏو مقام حاصل ڪندا هجن! جيتوڻيڪ اهو ڪنهن کي معلوم ناهي هوندو ته منهنجي حق ۾ ڪنهن جي دُعا قبول ٿئي آهي. اڳي جا ماڻهو پنهنجي ٻارن کي بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي بارگاهه ۾ کڻي ايندا هئا، ٻارن جي لاءِ انهن کان دُعا ڪرائيندا هئا، پنهنجي ٻارن تي انهن جي نگاهه وجهرائيندا ۽ دم ڪرائيندا هئا. جڏهن مون لاءِ حفاظتي اُمور جا مسئلا ڪونه هئا ۽ مونکي نماز پڙهڻ جي لاءِ وڃڻ جي آزادي هئي اُن وقت مون ڪيئي ڀيرا ڏٺو ته وڏي عمر جا ڇوڪرا ننڍن ٻارن کي ڪنيو يا ٿانوَ ۾ پاڻي جهليو مسجد جي ٻاهر بيٺا هوندا هئا ته جيئن جيڪو به نمازي ايندو وڃي اُن ٻار يا پاڻي تي دم ڪندو وڃي. هاڻي به شايد ائين ئي ڪندا هجن. اهو هڪ سٺو ۽ نيڪ ڪم آهي اهڙي طرح ڪرڻ سان الله پاڪ جي رحمت شاملِ حال رهندي آهي ۽ خوب برڪتون به ملنديون آهن. بهرحال اسان سيني کي بيان ڪيل طريقي جي مطابق پنهنجي ٻارن جي سالگرهه ملهائڻ گهرجي.

## ديني ماحول ۾ سالگره ملهائڻ جو انداز

سوال: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ ٻارن جي سالگرهه ملهائڻ جو انداز ڪهڙو آهي.؟

جواب: اسان جي ديني ماحول ۾ سالگرهه ملهائڻ جو انداز هي آهي ته اسان محفلِ نعت جو پروگرام ڪندا آهيون. پوءِ نياز جو اهتمام ڪري ان کي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، غوثِ پاڪ ۽ ٻين بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي بارگاهه ۾ نذر ڪيو ويندو آهي. نه ته عام طور تي سالگرهه ملهائڻ

۾ ڪيڪ ڪٽڻ، ڏيئا ٻارڻ ۽ معاذالله ڦوڪٽا ڦاڙڻ هوندو آهي حالانڪ ڦوڪٽا ڦاڙڻ جائز ناهي ڇوته اهو مال کي ضايع ڪرڻ آهي. دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اهو طريقو ناهي. جيڪڏهن ڪو ائين ڪري ٿو ته ان جي متعلق ائين نه چيو وڃي ته اِهو دعوت اسلامي وارو آهي. ديني ماحول ۾ سالگره ملهائڻ جو جيڪو انداز آهي، اهو جائز طريقو آهي، ڪوبہ عقلمند ان کي غلط نه ٿو چئي سگهي. ها! ان کي سنتن ڀريو نہ چيو ويندو. اهڙي طرح جيڪڏهن توهان بہ پنهنجي ٻارن جو سالگره ملهايو تہ انهيءَ بهاني ڪجھ مٽن مائٽن کي جمع ڪيو ۽ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نياز ڪيو. ڪنهن نيڪ انسان مثلاً مسجد جي امام صاحب، ڪنهن عالم سڳوري يا ڪنهن مبلغ کي گهرائي ٻارن جي لاءِ دعا ڪرايو، ان شاء الله ثواب جو تمام گهڻو خزانو حاصل ڪندؤ.

## هر روز عمر ۾ اضافو ٿيندو آهي يا ڪمي؟

سوال: سالگره جي موقعي تي چيو ويندو آهي: ”ٻار هڪ سال وڏو ٿي ويو“ ڇا واقعي ٻار جي عمر ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ اهڙي موقعي تي اهڙي طرح جا جملا ڳالهائڻ ۾ ڪو حرج تہ ناهي؟

جواب: اڄڪلھ سالگره جي موقعي تي ماڻهو چوندا آهن:”ٻار هيترن سالن جو ٿي ويو ۽ هيترو وڏو ٿي ويو“ درحقيقت اهو وڏو ناهي ٿيندو بلڪ ننڍو ٿي ويندو آهي. مثلاً الله پاڪ جي علم ۾ رضا حسن جي عمر 92 سال هجي ۽ هاڻي ان ٿي سال گذاري ڇڏيا تہ هيءُ بظاهر وڏو ٿيو ان کي وڏو چوڻ ۾ ڪو حرج ناهي پر حقيقت ۾ هيءُ 89 سال جو وڃي رهيو آهي يعني ٽي سال ننڍو ٿي چڪو آهي. سالگره جي موقعي

تي هن انداز مان بہ عبرت حاصل ڪري سگھجي ٿي. اڄڪلھ پوڙھا ماڻھو بہ پنھنجي سالگرھ ملھائيندا ۽ خوش ٿيندا آھن حالانڪ پوڙھو ۽ خوشي ھي ٻئي متضاد شيون آھن. پوڙھو مسڪرائيندو بہ آھي تہ ان جي پنيان غمن جي دنيا ھوندي آھي، جيڪڏھن کِلندو آھي تہ پنيان صدمن جو طوفان ھوندو آھي پر اھو انھيءَ پوڙھي سان ٿيندو آھي جيڪو حُسّاس طبيعت جو مالڪ ھجي، جنھن جي سامھون پنھنجو موت ھجي ۽ اھو خوفِ خدا رکڻ وارو ھجي. جيڪي پوڙھا ماڻھو غفلت جو شڪار ھوندا آھن اھڙا پوڙھا منھنجي مراد ناھن. مان انھن جي ڳالھ پيو ڪيان جن ڪي منھنجون ڳالھيون سمجھ ۾ اينديون آھن ۽ انھن کي ان ڳالھ جو شعور بہ ھوندو آھي.

## سالگرہ جي موقعي تي ڦوڪٽا ڦاڙڻ ۽ ڪيڪ ڪٽڻ ڪيئن؟

سوال: سالگرھ تي ڦوڪٽو ڦاڙڻ ۽ ڪيڪ ڪٽڻ ڪيئن؟

جواب: موجوده دور ۾ تہ سالگرھ جي موقعي تي ماڻھن جو اھوئي حال آھي جو خوب ٺھڪ ڏيندا، زور زور سان Happy Birth Day چوندي ڦوڪٽا ڦاڙيندا آھن، حالانڪ ڦوڪٽو ڦاڙڻ اِسراف ۽ ھڪ فضول شيءِ آھي، ھن ۾ مال ضايع ٿي رھيو ھوندو آھي. صرف ڦوڪٽا لڳائڻ ناجائز ناھي بلڪ انھن کي ڦاڙي ضايع ڪرڻ اسراف آھي تنھنڪري اھڙي رسم جي ابتدائي نہ ڪئي وڃي جنھن سان مسئلن کي منھن ڏيڻو پئي. اسان سالگرھ تي نہ ڦوڪٽا ڦاڙيندا آھيون نہ ئي ڪيڪ ڪٽيندا آھيون ڇوتہ مونکي اھو پسند ناھي. منھنجي سالگرھ يعني Birt Day، 26

رمضان المبارڪ تي اسلامي ڀائر ملهائيندا آهن پر مونکي خبر آهي تہ ان سان مونکي خوشي ٿيندي آهي يا نہ؟ ”مَنْ آنَمْ کہ مَنْ دَانَم“ يعني مان پنهنجي باري ۾ ڄاڻان ٿو تہ مان ڇا آهيان؟“ ان ۾ بعض اسلامي ڀائر ڪيڪ ڪٽيندا آهن، اهي ڪيڪ مونکي بہ مليا آهن پر مان ائين ڪرڻ وارن کي باربار سمجهائيندو آهيان تہ هن ڀيري تہ ڪيڪ ڪٽي ورتو اَتوَ آئنده ائين نہ ڪجو. مان اهڙي طرزِ عمل کي رواج ڏيڻ نٿو چاهيان چوتہ سالگره جي عام تقريبن ۾ جڏهن ڪيڪ ڪٽبو آهي تہ تاڙيون وڄنديون آهن، Happy Birth Day چوندي خوب ڪل ڀوڳ ۽ وڏا ٽهڪ ڏنا ويندا آهن. انهن کي اها خبر ناهي هوندي تہ هن ۾ ڪيتريون سنتون رهجي وينديون آهن، وري هن کان وڌيڪ هيءَ تہ مرد ۽ عورت جو بي پرده ملڻ جلڻ ۽ گڏوگڏ تاڙيون وڄائڻ جو بہ سلسلو هوندو آهي جڏهن تہ ” مرد ۽ عورت جو بي پرده ملڻ جلڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ حرام آهي.“ (بهارشريعت ، 3 / 511، حصہ :16ماخوذا) تنهنڪري ڪيڪ ڪٽڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ جي بدران نعت خواني جو اهتمام ڪيو وڃي، جيڪڏهن نعت خواني ۾ ڪنهن جي دل نہ بہ لڳي تہ هُو تاڙيون وڄائڻ ۽ ان جهڙي ٻين گناهن کان محفوظ رهندو. هن جي ڪنن ۾ نعتِ رسول ميناج پهچائيندي رهندي ۽ ان جون برڪتون ملنديون ۽ ان شاءالله رحمت جو گهڻو حصو بہ هٿ ايندو.

## علماء و صلحاء جي بارگاه ۾ ٻارن کي وٺي وڃڻ فائديمند هوندو آهي

سوال: اِمامُ الْحَرَمَين حضرت سيدنا عبدالملڪ بن عبدالله جُوَيْني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا استاد آهن، انهن کي ڏسي ٿي حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه علمِ دين

حاصل ڪرڻ جي طرف مائل ٿيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مونکي جيڪو مقام ۽ مرتبو مليو اُن جو ظاهري سبب اِهو آهي ته منهنجو والد مونکي عالمن ۽ صالحن جي بارگاهه ۾ وٺي ويندو هو ۽ انهن کان منهنجي لاءِ دعائون ڪرائيندو هو. اهو ارشاد فرمايو ته ڇا عالمن ۽ صالحن جي بارگاهه ۾ هاڻي به ٻارن کي وٺي وڃڻ ۽ انهن سان ٻارن جي حق ۾ دعائون ڪرائڻ فائديمند آهي؟ (مفتي صاحب جو سوال)

**جواب:** عالمن ۽ صالحن جي بارگاهه ۾ ٻارن کي وٺي وڃڻ بيشڪ فائديمند آهي، هن ۾ ڪو شڪ و شبهو ناهي. ڪنهن به نيڪ ماڻهو کان ٻارن تي نگاهه وجهرائي ۽ انهن جي حق ۾ دعا ڪرائي سگهجي ٿي. اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويه، جلد22 صفحي 394 تي ڪجهه هن طرح تحرير فرمايو آهي ته هڪ ڀيري حضرت سيدنا شيخ شهاب الدين سُهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه منيٰ شريف ۾ موجود مسجدِ خيف شريف جي صفن مان اچي وڃي رهيا هئا. ڪنهن عرض ڪيو: اوهان ائين ڇو پيا ڪيو؟ ارشاد فرمايائون: مان ان ڪري ائين ڪري رهيو آهيان ته الله پاڪ جا ڪجهه ٻانها اهڙا آهن جو جڏهن انهن جي نگاهه ڪنهن تي پوندي آهي ته ان کي هميشه واري سعادت ملي ويندي آهي.[1]

---

[1] (حضرت سيدنا علامہ محمد عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تحرير فرمائن ٿا: حضرت سيّدنا شيخ شهاب الدين سُهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اَيامِ منيٰ ۾ مسجدِ خيف شريف جي صفن ۾ هلي رهيا هئا. ڪنهن سبب پڇيو ته، فرمايائون: لِلّٰهِ عِبَادٌ اِذَا نَظَرُوْا اِلٰى شَخْصٍ اَكْسَبُوْهُ سَعَادَةَ الْاَبَدِ فَاَنَا اَطْلُبُ ذٰلِكَ يعني الله پاڪ جا ڪجهه ٻانها اهڙا آهن جو جڏهن انهن جي نگاهه ڪنهن شخص تي پوندي آهي ته ان کي هميشه جي سعادت عطا فرمائي ڇڏيندي آهي، مان انهيءَ نگاهه جي ڳولها ۾ هلي رهيو آهيان. (التيسير بشرح الجامع الصغير، 1 / 485))

ياد رهي! ڪنهن ڪرڪيٽر، فلم ايڪٽر ۽ ڊانسر سان پنهنجي ٻارن کي ملرائڻ سعادت جي ڳالهه ناهي. بلڪ بربادي وارو ڪم آهي. جيڪڏهن ڪو شخص نيڪين جي حوالي سان مشهور ناهي پر هُو نمازي آهي، ڏاڙهي وارو آهي، عمامو شريف سجائي ٿو يا ٽوپي پائي ٿو ته ائين ڏسي عام طور تي اندازو ٿي وڃي ٿو ته هن طرح جو اگر ڪو نيڪ ٻانهو هجي ته اُن وٽ پنهنجي ٻارن تي نگاهه وجهرائڻ جي لاءِ وڃو، پلي دم نہ بہ ڪرايو، صرف اُن جي سامهون ٻارن کي بيهاري ڇڏيو يا اُن جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو جو اُن جي نيڪ نظر پئجي وئي ۽ اُن ڪٽي ٻارن کي چميو تہ مدينہ مدينہ ٿي ويندو.

## زبان جي هبڪ دور ڪرڻ جو وظيفو

سُوال: جنهن جي زبان گفتگو ڪندي ڪندي اٽڪندي هجي ان جي لاءِ روحاني وظيفو عطا فرمايو. (شارجہ مان سُوال)

جواب: هر نماز کان پوءِ ست ڀيرا هي چار آيتون پڙهو، اگر ست ڀيرا نٿا پڙهي سگهو تہ هڪ ئي ڀيرو پڙهي وٺو:

رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿۲۵﴾ وَيَسِّرْ لِيْۤ اَمْرِيْ ﴿۲۶﴾ وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿۲۷﴾ يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿۲۸﴾

ترجموڪنزالايمان: اي منهنجا رب منهنجي واسطي منهنجو سينو کولي ڇڏ ۽ منهنجي واسطي منهنجو ڪم سولو ڪر ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ کول. جيئن اُهي منهنجي ڳالهه سمجهن.

پهرين آيت جي شروع ۾ لفظ ”قَالَ“ آهي وظيفو ڪندي هن لفظ کي نہ پڙهو. جيڪڏهن پڙهيو تہ هي حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلَيهِ السَّلَام جي قول جي حڪايت ٿي ويندي جو هي سندن دُعا آهي. انهن ننڍپڻ ۾ وات ۾ ڪوئلو رکيو هو جنهن جي ڪري زبان شريف ۾ هبڪ پيدا ٿي تہ الله پاڪ انهن کي هيءَ دُعا تعليم طور فرمائي. جيڪڏهن ٻار ٻاتو هجي ۽ هُو پاڻ هنن آيتن کي نہ پڙهي سگهندو هجي تہ ماءُ پيءُ يا ڪوبہ جيڪو درست قرآنِ پاڪ پڙهي سگهندو هجي اهو پڙهي اُن تي دم ڪري ڇڏيندو ڪري الله ڪريم ان جي زبان جي ڳنڍ کولي ڇڏيندو.

## اِغوا کان حفاظت جون احتياطي تدبيرون ۽ وظيفا

**سُوال:** اڄڪلهہ ٻارن جي اِغوا ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي رهيو آهي تنهنڪري هن حوالي سان احتياطي تدبير ۽ اُوراد و وظائف ٻڌايو. (حيدرآباد کان سوال)

**جواب:** جي ها! اڄڪلهہ ٻارن جي اِغوا جي واردات جو سلسلو وڌندو پيو وڃي. الله پاڪ ڪرم فرمائي خبر ناهي ٻارن کي ڇو اغوا ڪيو ٿو وڃي. مونکي صوتي پيغام (Audio Message) جي ذريعي هڪ اسلامي ڀاءَ ٻڌايو تہ زمزم نگر (حيدرآباد) ۾ هڪ ڇهہ سالن جي ٻارڙيءَ کي اغوا ڪيو ويو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن اُن جو لاش بوري ۾ بند ٽڪرا ٽڪرا حالت ۾ هڪ ڪچري جي ڍير مان مليو. ويچاري ڇهہ سالن جي ٻارڙي کي اهڙي طرح بيدردي سان شهيد ڪري ڪچري جي ڍير تي اڇلائي ڇڏڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي. عام طور دشمني ۽ خانداني مسئلن

جي بنياد تي ماڻهو هن طرح جون وارداتون ڪندا رهن ٿا. هن واقعي ۾ ويچاري ٻارڙيءَ جي والدين جي لاءِ وڏي صدمي جي ڳالهه آهي الله پاڪ انهن کي صبر عطا فرمائي. اهڙي طرح تاوان جون رقمون وصول ڪرڻ جي لاءِ جڏهن ڪنهن جي ٻار کي ڪنيو ويندو آهي تہ اُن جي سڄي خاندان، ڪٽنب ۽ قبيلي جون ننڊون حرام ٿي وينديون هونديون! ظاهر آهي ٻارن جي اغواء جون وارداتون ڪرڻ وارا مدني چينل کي نہ ڏسندا هوندا ڇوتہ اگر ڏسن ها تہ اهڙي طرح جا ڪم نہ ڪن ها. ٻار اغوا ڪري ماڻهن کي پريشان ڪرڻ وارن کي الله پاڪ هدايت نصيب فرمائي ۽ ڪاش! انهن کي اهو سوچڻ جي توفيق ملي وڃي تہ ٻار اغوا ڪرڻ گناهہ جو ڪم آهي ۽ انهن کي عنقريب مرڻو آهي.

## ٻارن کي اڪيلو نہ ڇڏيو وڃي

ٻارن جي حفاظت جي لاءِ هڪ احتياطي تدبير اها آهي تہ ٻارن کي تنها نہ ڇڏيو وڃي ۽ اچڻ وڃڻ ۾ انهن سان ڪونہ ڪو وڏو ضرور موجود هجي ڇوتہ تنها هئڻ جي صورت ۾ يقيناً انهن جي اغوا ٿيڻ جو خطرو وڏي ويندو ۽ ڪنهن وڏي جو گڏ هئڻ جي صورت ۾ گهٽجي ويندو. پڻ ٻارن کي اها تربيت ڏني وڃي تہ انهن کي جڏهن ڪو پڪڙڻ چاهي تہ روئڻ ۽ دانهون ڪرڻ شروع ڪن تہ جيئن اغوا ڪرڻ وارا اُن خوف کان گهبرائجي ڀڄي وڃن تہ ماڻهو جمع ٿي انهن کي ڪٽي پڪڙي نہ ونن. ٻارن جو اهو ذهن بہ ٺاهيو وڃي تہ ڪو ڪيتري ئي لالچ ڇونہ ڏئي، ٽافيون ۽ رانديڪا ڏيکاري پر ان سان گڏ نہ وڃن. مونکي گهر ۾ ابتدائي کان اها تعليم ۽ تربيت ڏني وئي هئي تہ ڪو پيسا ۽ يا ڪا بي

شيءِ ڏئي بلڪ منهنجي والده نه ايسيتائين سمجهائيندي هئي ته ڪو سون جو ڍير به اوهان جي سامهون رکي ڇڏي تڏهن به ان سان گڏ نه وڃجو.

## ٻارن جي حفاظت جو وظيفو

**ٻارن جي حفاظت جو وظيفو** هي آهي ته شروع ۽ آخر ۾ درود شريف ۽ ٻارهن ڀيرا "يَاحَافِظُ يَا حَفِيْظُ" پڙهي ڪري جيڪڏهن ٻارن تي دم ڪيو وڃي ته حفاظت رهندي ۽ ان شاءالله ڪوبه انهن کي اغوا نه ڪري سگهندو. الحمدلله مجلس روحاني علاج جي تحت ملڪ ۽ بيروني ملڪ ۾ سيڪڙو بلڪ هزارين بستا قائم آهن ۽ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي ۾ به بستو قائم آهي لهٰذا تعويذاتِ عطاريه جي بستي تان حفاظت جو تعويذ حاصل ڪري ٻارن کي پارايو وڃي ته جيئن اگر ڪو اغوا ڪرڻ چاهي به ته اُن وقت انهن کي پڪارڻ ياد اچي وڃي ۽ هُو رڙيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏين يا الله پاڪ انهن جي مدد جي لاءِ ڪنهن کي موڪلي ڇڏي ۽ اغوا ڪرڻ وارا ان کي ڏسي ڀڄي وڃن يا اغوا ڪرڻ جي لاءِ جڏهن اهي ٻارن جي طرف هٿ وڌائين ته اُنهن تي خوف طاري ٿي وڃي ۽ هُو پوئين پير ڀڄي وڃن ته تعويذ جي برڪت سان الله پاڪ جي طرفان اهڙي طرح جا سبب پيدا ٿئي سگهن ٿا. ۽ ائين تعويذ جي ذريعي ٻارن جي حفاظت جي صورت ٺهجي سگهي ٿي.

## وڏن جي حفاظت جو وظيفو

وڏن جي لاءِ حفاظت جو وظيفو اِهو آهي ته جڏهن هُو وضو ڪن ته هر عضوو ڌوئيندي وقت هڪ ڀيرو" يَا قَادِرُ "پڙهي ڇڏيندا ڪن مثلاً جڏهن

وضو شروع ڪيو تہ ساڄو هٿ ۽ کاٻو هٿ ڌوئيندي وقت هڪ ڀيرو" يَا قَادِرُ " پڙهو، انهيءَ طرح جڏهن هڪ ڀيرو ڳُرڙي ڪيو تہ ٻئي ڀيري ڳُرڙي ڪرڻ کان اڳ ۾ هڪ ڀيرو" يَا قَادِرُ " پڙهو، پوءِ جڏهن هڪ ڀيرو نڪ ۾ پاڻي چاڙهيو تہ هاڻي رڪجي وڃو ۽ هڪ ڀيرو" يَا قَادِرُ" پڙهي ڪري وڌيڪ بہ ڀيرا نڪ ۾ پاڻي چاڙهيو. انهيءَ طرح هر عضوو ڌوئيندي ۽ مٿي جو مسح ڪندي وقت هڪ ڀيرو" يَا قَادِرُ " پڙهي وٺو، ان سان گڏوگڏ دعائون بہ پڙهي سگهجن ٿيون پر دعائن جي جڳهہ درود شريف پڙهڻ افضل آهي تنهنڪري درود شريف پڙهيو وڃي. جيڪي ماڻهو اهڙي طرح احتياط ڪندا ۽ اوراد و وظائف پڙهندا تہ ان شاء الله بهتري ايندي.

## هٿ ڌوئڻ جي جاءِ تي وضو ڪندي وقت "يَا قَادِرُ" پڙهڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا باٿروم ۾ هٿ ڌوئڻ واري جاءِ تي وضو ڪندي" يَا قَادِرُ" پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: اڄڪلهہ امير ماڻهن جي گهرن ۾ آسائشن جو پورو انتظام هوندو آهي ۽ زبردست ڊيڪوريشن هوندي آهي. انهيءَ طرح متوسط يعني درمياني طبقي جا ماڻهو ۽ جيڪي صرف نالي جا غريب هوندا آهن انهن جي گهرن ۾ بہ ڊيڪوريشڻ ۽ سجاوٽ هوندي آهي مگر وضوخانو ناهي هوندو. دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان لاڳاپيل ماڻهن مان بہ ڪنهن ڪنهن جي گهر ۾ وضو خاني جو اهتمام هوندو آهي. حالانڪ گهرن ۾ وضوخانو ٺاهڻ جي تمام گهڻي ترغيب ڏياري وئي آهي ۽ رهنمائي جي لاءِ مڪتبة

المدينہ جي شايع ڪيل”وضو جو طريقو“ نالي رسالي ۾ وضو خاني جو نقشو بہ ڇاپيو ويو آهي. عام طور گھرن ۾ هٿ ڌوئڻ واري جاءِ تي وضو ڪيو ويندو آهي ۽ هٿ ڌوئڻ واري جاءِ باٿروم پرسان ئي ٺهيل هوندي آهي. ياد رکو هٿ ڌوئڻ واري جاءِ باٿروم جي پرسان هجي تہ وضو ڪندي” يَا قَادِرُ “ ۽ وضو ڪرڻ کان پهريان”بِسْمِ اللّٰه “ نہ پڙهي سگهون. جوتہ وضو ڪرڻ کان پهريان ”بِسْمِ اللّٰه“ پڙهڻ مستحب آهي فقط الله پاڪ جو نالو سنت مؤڪده آهي.(بحر الرائق ، 1 / 39) ان جي لاءِ باٿروم ۾ نهيل هٿ ڌوئڻ جي جاءِ تي وضو ڪرڻ جي سبب جيڪڏهن ان کي ڇڏڻ جي عادت ٺاهيندؤ تہ گنهگار ٿيندؤ لهٰذا اهڙي صورت ۾ ”بِسْمِ اللّٰه“ پڙهڻ جي لاءِ باٿروم کان باهر نڪرڻ ضروري ٿي ويندو.

## W.C ۽ هٿ ڌوئڻ جي جاءِ الڳ الڳ ڪيو

جيڪڏهن باٿروم جو احاطو وڏو هجي، يا ڪموڊ (Commode) کي سلائيڊنگ دور يا ڪلاس(يعني شيشو) لڳائي اهڙي نموني ڪَوَر ڪري ڇڏيو جو هيءُ ڏسڻ ۾ الڳ لڳي تہ هن صورت ۾ هٿ ڌوئڻ واري جاءِ تي وضو ڪندي وقت ” يَا قَادِرُ“ ۽ ”بِسْمِ اللّٰه“ پڙهڻ ۾ ڪو حرج ناهي. ياد رهي خالي پلاسٽڪ جو پردو لڳائي ڪري W.C (ڊبليو. سي) يا ڪموڊ کي ڪَوَر ڪرڻ سان ڪم نہ هلندو بلڪ اُن جي لاءِ ڪنهن سولڊ شيءِ يعني ڪاٺي، سيمنٽ، ايلومينيم يا هارڊ بورڊ جون ديوارون لڳائي ڪَوَر ڪرڻ ضروري آهي. مون پنهنجي

گهر جي باٿروم ۽ فيضان مديني ۾ پنهنجي زيرِاستعمال باٿروم ۾ W.C (ڊبليو. سي) کي اهڙي نموني ڪَور ڪرايو آهي. مونکي ڪڏهن ڪڏهن اَرب پتي ماڻهن جي گهرن ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيندو آهي ته وضو ڪرڻ ۾ مزو ناهي ايندو. ڇوته هٿ ڌوئڻ جي جاءِ تي بيهي وضو ڪرڻو پوي ٿو. جن گهرن ۾ هٿ ڌوئڻ جي جاءِ تي وضو ڪرڻو پئي ٿو يا ته انهن گهرن ۾ وڏي عمر جا پوڙها ناهن هوندا يا وري هوندا ته ويچارا بيهي وضو ڪندا هوندا جنهن جي سبب ويچارن جي ٽنگن ۾ سور ٿيندو هوندو ۽ بعض اوقات اهي ڪِري به پوندا هوندا. خيال رهي ته جڏهن پوڙهو ماڻهو ڪِرندو آهي ته جيڪڏهن ان جي ڪنهن نازڪ جڳهه تي ڌڪ لڳي پئي يا هڏيون ٽٽي پَون ته اهو اُٿي ناهي سگهندو بلڪ ان کي ڪلهي تي ڪٽي وڃڻو پوندو آهي ۽ پوءِ ويچاري کي زندگي جا باقي سال تڪليف برداشت ڪرڻ ۾ گذارڻا پوندا آهن. ڇوته ڪمزوري جي ڪري هڏيون آساني سان جڙنديون ناهن. اڄڪلهه گهرن ۾ ماڻهو طرح طرح جون آسائشون، سوئمنگ پل ۽ حوض ٺهرائن ٿا پر وضو خانا ٺهرائڻ جي لاءِ انهن وٽ ٻه گز جڳهه ناهي هوندي. پنهنجي گهرن ۾ اهڙي جڳهه جو جتي وضو ڪرڻ ۾ سُستي نه ٿئي مسجد جي وضو خاني جيان هڪ وضو خانو ٺهرايو ۽ اُن ۾ هڪ يا ٻه نل لڳايو ان شاءالله وضو ڪرڻ ۾ تمام گهڻي سُولائي ٿي ويندي. جيڪڏهن هن نيت سان پنهنجي گهر ۾ وضو خانو ٺهرائيندا سين ته الله پاڪ جو نالو وٺي سگهون، درودِ پاڪ پڙهي سگهون ۽ ” يَا قَادِرُ “ پڙهي سگهون ته اهو وضوخانو

۾ عبادت ڀڄي ويندو. وضو خانو ڪهڙي طرح بڻايو وڃي ان جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ تان ”وضو جو طريقو“ نامي رسالو حاصل ڪري ان جو مطالعو ڪيو، هن رسالي ۾ وضو خانو بڻائڻ جا مدني گل ۽ تصوير بہ ڏني وئي آهي تہ ڪهڙي نموني وضو خانو بڻائڻو آهي.

## ڪارٽون واري چپل پائڻ ڪيئن؟

سُوال: اڄڪلهہ بار ڪارٽون واري چپل ۽ ڪارٽون وارا رانديڪا وٺڻ جي ضد ڪندا آهن، جڏهن تہ اسان وڏڙن کان ٻڌو آهي تہ ڪارٽون واري ڪا شيءِ گهر ۾ نہ رکڻ گهرجي، هن بابت شرعي رهنمائي فرمايو.

جواب: جيڪو ڪارٽون ڪنهن جاندار مثلاً اهڙي زنده انسان يا جانور جي تصوير ڪشي ڪري جيڪو پاتو ويندو هجي تہ اهڙو ڪارٽون بڻائڻ، ناجائز ۽ ممنوع آهي، ڇوتہ اهو تصوير جي حڪم ۾ آهي. (مرقاة المفاتيح ، 8 / 266،تحت الحديث:4489) رهيو معاملو تصوير واري جوتن جو! تہ جوتي ۾ جهڙي بہ تصوير هجي، پلي ڪنهن انسان جي صحيح تصوير بہ هجي تڏهن بہ اگر بار اهي جوتا پائي ٿو تہ ڪا ممانعت ناهي، ڇوتہ جوتو توهين جي جڳهہ آهي، اُن تي موجود تصوير نہ رحمت جي ملائڪن جي لاءِ رڪاوٽ آهي ۽ نہ ئي نماز ۾ ان سان ڪو مسئلو پيدا ٿيندو. (بهار شريعت ، 1 / 629 ، حصّہ : 3 ماخوذا) البتہ جوتن تي جاندار جي تصوير بڻائڻ وارو گنهگار آهي. (مرقاة المفاتيح، 8 / 266،تحت

الحديث:4489). جائز رانديڪن سان ڪيڏي سگهجي ٿو، پر انهن کي توهين جي جڳهه تي رکيو وڃي. بعض ماڻهو رانديڪن جي لاءِ گهر ۾ شوڪيس يا خانا ٺهرائيندا آهن ۽ اُن ۾ اهڙين تصويرن وارا رانديڪا رکندا آهن جيڪي جاندار جي تصوير ڪشي ڪري رهيا هوندا آهن، ان تي وعيد آهي انهن جي ڪري رحمت جا ملائڪ گهر ۾ داخل ناهن ٿيندا. (بخارى ، 2 / 385، حديث : 3225) البت اهڙا رانديڪا جيڪڏهن هيڏانهن هوڏانهن پيل هجن ۽ پيرن ۾ لتاڙجندا هجن ته ممانعت ناهي.

## ٻارن سان نرمي ڪيو

سوال: ڇا ڪيڏڻ ڪڏڻ وارن ننڍن ٻارن کي والدين جي خدمت ڪرڻ گهرجي.؟ (هڪ ننڍي ٻار جو سوال)

جواب: ننڍي ٻارن کي به والدين جي خدمت ڪرڻ گهرجي، هينئر ئي کان خدمت ڪندا ته وڏا ٿي خدمت ڪرڻ جي عادت ٻڻبي، پڻ اُن سان والدين جون دعائون ملنديون ۽ هُو خوش به ٿيندا. البته ماءُ پيءُ کي گهرجي ته ٻار کان طاقت ۽ همت جي مطابق خدمت وٺن، ايتري خدمت نه وٺن جو ٻار تي بوجهه پئجي وڃي ۽ هُو ٿڪجي پَون. جڏهن ٻار خدمت ڪري ته والدين کي گهرجي ته اُن جي دلجوئي ۽ حوصله افزائي ڪن، دلجوئي ثواب جو ڪم آهي ۽ حوصله اَفزائي ٻار جي پگهار آهي. دلجوئي جو دنياوي فائدو اِهو ٿيندو آهي ته ٻار گهٽو ڪم ڪندو آهي ۽ خوش دلي سان ڪندو آهي. جيستائين ٻار جي حوصله افزائي نه ٿيندي هُو ترقي نه ڪندو. اگر ٻار کي ٿوڪيندا ۽ دڙڪا ڏيندا رهندؤ ته ان جو دل ٽٽي پوندو. ٻار ڪڏهن تمام سنو ڪم ڪري وٺي ته ان کي انعام به

ڏيڻ گهرجي ۽ دعائون ڏيڻ گهرجن، ائين نہ ٿئي تہ هر وقت ٻار کي چڙبيندا ۽ پاراتا ڏيندا رهو، جو تہ خدانخواستہ قبوليت جي گهڙي هجي ۽ ان کي بددعا لڳي وئي تہ روئڻو بہ اوهان کي پوندو. جيڪي والدين هر وقت پنهنجي ٻارن کي چڙبيندا رهن ٿا انهن ۾ علم ۽ تربيت جي ڪمي هوندي آهي. ماءُ، ٻارن جي پيءُ جو ذهن ٺاهيندي تہ ”تو هن کي ايتري قدر بگاڙيو آهي، تون اُن کي ڪجهہ نٿو چئين، مارين نٿو، دڙڪا نٿو ڏئين، ان کي مار ڏي، پيءُ جو رعب هوندو آهي، سختي ڪر.“ اگر پيءُ انهن ڳالهين ۾ اچي ٻارن سان اهڙو سلوڪ ڪري تہ اولاد وڏو ٿي ايترو بيباڪ ٿي ويندو آهي جو والدين کي اولڊ هائوس(Old House) جو رستو ڏيکاريندو آهي. ماءُ پيءُ جي پنهنجي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ ٻارن سان نرمي ڪن ۽ پيار ڪن، نيڪ آهي ضرورت طور شريعت جي حد ۾ رهي ڪري سختي بہ ڪري سگهجي ٿي، پر ڳالهہ ڳالهہ تي چڙڻ ۽ ٽوڪڻ درست ناهي، بلڪ نقصانده هوندو آهي.

## ٻار ضد ڇو ڪندا آهن؟

سوال: ننڍا ٻار تمام گهڻا ضدي هوندا آهن انهن جي اهڙي تربيت ڪيئن ڪجي جو اهي ضد ڇڏي ڏين ۽ جڏهن اهي ضد ڪن تہ ان وقت ڇا ڪجي جو اهي ضد کان باز اچي وڃن؟ پڻ ٻارن جي تربيت جي حوالي سان رهنمائي فرمايو.

جواب: اگر اهي ضد ئي نہ ڪن تہ پوءِ انهن کي ٻار ڪير چوندو؟ ظاهر آهي ٻار آهن ٿورو گهڻو ضد تہ ڪندا ئي آهن، انهن کان وڏن کي سکڻ گهرجي، ڇڻ تہ اهي ضد ڪري پنهنجي باري ۾ ٻُڌائي رهيا هوندا آهن تہ

مان ٻار آهيان پر توهان ٻار ناهيو تنهنڪري اوهان ضد نہ ڪندا ڪيو. يعني ضد ڪرڻ ٻارن جو ڪم آهي وڏن جو ڪم ناهي.

ٻارن جو مستقل طور ضدي بڻجي وڃڻ جو سبب اهو هوندو آهي تہ والدين شروع ئي کان انهن جي هر ضد پوري ڪندا آهن پوءِ ٻار وڏا ٿي بہ انهيءَ عادت ۾ مبتلا رهندا آهن. شروع شروع ۾ ٻار تمام پيارو لڳندو آهي جيڪو گهرندو آهي ان کان وڌيڪ ڏياريو ويندو آهي پر ٿورو وڏو ٿيڻ کان بعد ان جي خواهش پوري ناهي ڪئي ويندي، هن طرح ٻار جي ذهن ۾ اها ڳالھ ويهي رهندي آهي تہ پهريان جيڪو گهرندو هيس ملي ويندو هو پر هاڻي منهنجا مطالبا نٿا مڃيا وڃن، ايئن هُو ضد شروع ڪندو آهي. بعض اوقات واقعي خوامخواه جي ضد ڪري رهيو هوندو آهي پر ان جو هرگز اِهو حل ناهي تہ ٻار کي مارڪٽ ڪئي وڃي بلڪ ان جو علاج هيءُ آهي تہ ٻار جي ضد پوري ڪرڻ ڇڏي ڏيو آهستہ آهستہ ان جي عادت نڪري ويندي. هن مان اِهو مطلب ناهي تہ يڪدم ٻارن کي هر شيءِ وٺي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ضد پوري بہ ڪري ڇڏيندا ڪيو نہ تہ ٻار باغي ۽ والدين کان بدذهن ٿي ويندا، ان جي ذهن ۾ غيرفطري طور هيءَ ڳالھ ويهي رهندي تہ منهنجا والدين مون تي ظلم ڪن ٿا. اهڙا ئي ٻار هوندا آهن جيڪي وڏا ٿي چوندا آهن تہ اسان کي پنهنجي والدين جو پيار ناهي مليو! پلائي انهيءَ ۾ آهي تہ حڪمتِ عملي سان پنهنجي ٻارن جي ضد جي عادت ختم ڪيو. ياد رکو! هيءَ عادت فلفور ختم نٿي ٿي سگهي. بعض والدين پنهنجي اولاد سان انتهائي نامناسب رويو اپنائيندا آهن، انهن کي ٿوري ٿوري ڳالھ تي ڇڙٻيندا آهن بلڪ مارڪٽ بہ ڪندا آهن، انهن جو ڪو مطالبو ناهن مڃيندا، انهن جو مَانُ ناهين رکندا، خرچ ڪندا تہ آهن پر ٻار

جي چوڻ تي ناهن ڪندا پنهنجي طور تي جيڪو سمجھ ۾ ايندو آهي ڪندا رهندا آهن، اهڙي طرح ٻار پنهنجي والدين کان باغي ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ ويچارا نافرماني تي لهي پنهنجي آخرت برباد ڪري ويهندا آهن.

## ٻارن جي ضد دور ڪرڻ جو روحاني علاج

ٻار جيڪڏھن ضد ڪندو هجي ۽ والدين مان ڪوئي درست قرآنِ پاڪ پڙھڻ ڄاڻندو هجي تہ روزانو هڪ هڪ ڀيرو يا ٽي ٽي ڀيرا سوره فلق ۽ سوره الناس اوّل آخر هڪ ڀيرو يا ٽي ڀيرا درود شريف پڙھي ٻار تي دم ڪن تہ ان شاءالله بهتري ايندي.

## هَئو ۽ ڀَئُو ڪير آهن

سوال: وڏا بعض اوقات ٻارن کي ڏيڄارڻ جي لاءِ چوندا آهن "هَئو اچي ويندي، يا ڀَئُو اچي ويندي، يا هَئو! اَچ هن کي ڪٽي وَڃُ" هي هَئو ۽ ڀَئُو ڪير آهن؟ جيڪي نظر بہ نٿا اچن ۽ ٻار انهن کان ڏڄن بہ ٿا. (محمد دانيال عطاری طالبِ علم مدرسةُ المدينہ ڪورنگی نمبراڍائي، ڪراچی)

جواب: هي هَئو ۽ ڀَئُو فرضي نالا آهن، هنن جو ڪوبہ وجود ناهي. ٻارن کي هن طرح چوڻ تہ"ڀَئُو اچي ويندو، توکي ڪٽي ويندو، يا توکي فقير ڪٽي ويندو، هُو ڏس ڀَئُو" بعض صورتن ۾ ڪوڙ بہ هوندو آهي ۽ ماءُ پيءُ جي اعمالنامي ۾ گناهہ لکيو ويندو آهي. (ابو داود ، 4 / 387 ، حديث :4991ماخوذا)

وڏيڪ هن جو نقصان اهو ٿيندو آهي تہ ٻار ڏڄڻو ٿي ويندو آهي ۽ ان جي دل ۾ خوف ويهي رهندو آهي. پوءِ فجر جي لاءِ اونداهي ۾ نڪرڻ کان بہ ڏڄندو آهي. ٻارن کي بهادر بڻائڻ گهرجي، ڏڄڻو نہ بڻائڻ گهرجي.

بعض اوقات والدين ٻارن کي چوندا آهن تہ ”توهان کي رانديڪا وٺي ڏينداسي، بسڪٽ ڏينداسين، چاڪليٽ ڏينداسين، هي ڏينداسين ۽ هُو ڏينداسين“ ۽ نيت اها هوندي اٿن تہ ”صرف چپ ڪن، وٺي نہ ڏيندا“ اهڙي طرح ڪوڙ ڳالهائڻ نہ گهرجي. اللّٰه پاڪ اسان سڀني کي سچو بڻائي.

## بنا اجازت پيءُ جي موٽرسائيڪل هلائڻ ڪيئن؟

سوال: ڪي ٻار بنا پڇڻ جي پيءُ جي موٽرسائيڪل هلائيندا آهن ۽ چپ چاپ اچي بيهاريندا آهن، ائين ڪرڻ ڪيئن؟ (محمد طلحہ عطاری۔ طالبِ علم شعبۂ حفظ مدرسۃ المدینہ عزیز آباد ، ڪراچي)

جواب: هن ۾ ٽي غلطيون سامهون اچي رهيون آهن. هڪ هيءَ تہ پيءُ جي اجازت کان بنا موٽرسائيڪل هلائي، ظاهر آهي تہ اُن ۾ پيءُ جي رضامندي نہ هوندي ان کي خبر پوندي تہ ناراض بہ ٿيندو. ٻي غلطي اها ڪئي تہ بنا لائسنس گاڏي هلائي، جڏهن تہ ٽئين غلطي اها ڪئي تہ ننڍڙي عمر ۾ گاڏي هلائي. ڇوتہ 18 سال کان گهٽ عمر جي ٻارن کي گاڏي هلائڻ منع آهي. ايڪسيڊنٽ جو گهڻو خطرو هوندو آهي ۽ 18 سال کان گهٽ عمر ٻارن جو لائسنس بہ ناهي ٺهندو. بنا اجازت ۽ اُهو بہ ننڍي عمر ۾ گاڏي نہ هلائڻ گهرجي، ڇوتہ هن ۾ جان جو خطرو بہ هوندو آهي ۽ گاڏي جي ٽٽڻ جو بہ انديشو هوندو آهي جنهن ۾ والد جو نقصان آهي. اگر ڪنهن کي گاڏي هنئي يا ڪنهن جو نقصان ڪيو تہ پوءِ ڪيس ٿي ويندو ۽ ڪراچي ۾ تہ ٻارن جي بہ جيل آهي، ائين ڪرڻ تي ٻارن کي پڪڙي جيل ۾ وڌو ويندو، پوءِ ماءُ پيءُ ۽ خاندان وارا الڳ پريشان ٿيندا، روئڻ رڙڻ جو بہ ڪو فائدو نہ ٿيندو ۽ جيل مان بہ

آزادي ڪونہ ملندي. هنن تمام معاملن ۾ نہ ڄاڻ ڪيترو پيسو بہ خرچ ٿي ويندو، انهيءَ ڪري خوب احتياط ڪرڻو آهي ملڪ ۾ شريعت جو قانون بہ ناهي ڇڏڻو.

## ٻارن کي بہ ٻين کي سلام ڪرڻ گھرجي

سوال: بعض ٻار سلام ڪرڻ ۾ شرمائيندا آهن، اسان کي ڪنهن ڪنهن کي سلام ڪرڻ گھرجي.؟ (ننڍڙو ٻار سيّد محمد عباس عطاري)

جواب: ٻارن کي سلام ڪرڻ گھرجي، تہ جيئن عادت پوي، جيڪي بہ وڏا آهن، جيئن ماءُ، پيءُ، ڀيڻ، ڀاءُ، چاچو، چاچي ۽ پاڙي ۾ رهڻ وارا بلڪ جيڪي بہ مسلمان آهن انهن جي سامهون اچڻ وقت يا موقعو ملڻ تي سلام ڪرڻ گھرجي. ڪوئي گھر اچي تہ سلام ڪيو، ڪنهن جي گھر وڃو تہ سلام ڪيو. هينئر کان عادت وجهو تہ ان شاءالله اڳتي هلي اها عادت ڪم ايندي.

نوٽ: صفحو،3،4 ۽ 10 تي موجود سوال شعبہ ملفوظات اميراهلسنت جي طرفان قائم ڪيل آهن البتہ جواب اميراهلسنت ئي جا عطا ڪيل آهن.